# SINDH ACT NO.XIII OF 2014

# The Provincial Motor Vehicles (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 2014

# سنڌ صوبي جي موٽر گاڏين جو (ترميم) ايڪٽ، 2014

## فهرست (Contents)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ

(Short Title and Commencement)

2. اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ 1965 جي دفعہ 2 جي تبديلي.

Amendment of section 2 of West Pakistan Ordinance No XIX of 1965.

3. اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبرXIX مجريہ 1965 جي دفعہ 8 جي تبديلي .

Amendment of section 8 of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

4. اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ 1965 ۾ نئين دفعہ A_45 جو اضافو.

Insertion of new section 45_A in West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

5. اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ 1965 جي دفعہ نمبر 20 ۾ تبديلي.

Amendment of section 120 of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

6. اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي XIX مجريہ 1965 جي ٻارهين جدول ۾ تبديلي.

Amendment of Twelfth Schedule of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

# SINDH ACT NO.XIII OF 2014
# The Provincial Motor Vehicles (Amendment) Act, 2014
# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 2014
# سنڌ صوبي جي موٽر گاڏين جو (ترميم) ايڪٽ، 2014

[28 مئي 2014]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي جي موٽر گاڏين ( Provincial Motor Vehicles Ordinance) بابت حڪم نامي (Ordinance) کي بدلايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پراونشل موٽر وهيڪل آرڊيننس 1965 کي تبديل ڪرڻ ضروري ڄاتو ٿو وڃي.

ان ڪري انهيءَ کي هن ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي پراونشل موٽر وهيڪلس (اميندمينٽ) ايڪٽ، 2014 (The Provincial Motor Vehicles (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ 1965 جي دفعہ 2 جي تبديلي. Amendment of section 2 of West Pakistan Ordinance No XIX of 1965

2. 1965ع واري صوبائي موٽر گاڏين واري حڪم نامي (Ordinance) جنهن کي هن کانپوءِ ساڳيو حڪم نامو(Ordinance) ٿي چيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (23)۾ لفظ ٽرالر (trailer) کانپوءِ ڪمبائينڊ هارويسٽر ( combined harvester) "لاباري جي مشين"، فورڪ لفٽر(fork lifter) "ننڍو ٽرالر"، روڊ رولر (road roller)"روڊ سنوت ڪندڙ مشين"، "تعمير ڪندڙ" ۽ مٿي هٿائيندڙ مشينون جهڙوڪ ويل لوڊر (wheel loader)، ڊمپر (dumper)، ڪرين (crain)، کوٽائي ڪندڙ(excavator)، گريڊر (grader)، ڊوزر (dozer)، پائيپ ليئر (pipe layer)، روڊ ٺاهيندڙ ۽ روڊ يا نالين صاف ڪندڙ پلانٽ لفظ وڌا ويندا.

اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ 1965 جي دفعہ 8 جي تبديلي Amendment of section 8 of West

3. تبديلي هيٺ آيل حڪم نامي (Ordinance) جي دفعہ 8 جي شق (g) بعد هي شامل ڪيو ويندو.

"(g_i) dumper پنٽي پاڏو بار لاهيندڙ لاري

(g_ii) trailer ٽرالر

(g_iii) bulldozer روڊ سنوت ڪندڙ مشين

(g_iv) Crane ڪرين

(g_v) excavator کوٽائي ڪندڙ مشين

(g_vi) grader درجہ بندي ڪندڙ مشين

Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ 1965 ۾ نئين دفعہ 45_A جو اضافو.

Insertion of new section 45_A in West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965

4. تبديليءَ هيٺ آندل حڪم نامي جي دفعہ 45 ۾ هي اضافو ڪيو ويندو:-

" 45_A . اسٽيج ڪيريز تي ضابطي رکڻ جو اختيار ( Power to regulate stage carriages)".

(1) مقرر ڪيل رستي (route) يا علائقي ۾ اسٽيج ڪيريز تي سرڪار ضابطو رکندي تہ جيئن:

(الف) گنجان ٽريفڪ کي گهٽائي سگهجي.

(ب) عوام کي لائق، مناسب، بهتر، بي خطر، سستي قسم وارو روڊن تي آمد رفت جو طريقو مهيا ڪيو وڃي.

(ت) عورتن ۽ معذورن لاءِ گاڏين ۾ ويهڻ جو مناسب بندوبست رکيو وڃي.

(ث) آمد رفت (transportation) جي طريقي لاءِ ڀي ڪا بہ ضرورت پوري ڪئي وڃي، مقرر وقت ۾ جاچ پڙتال ڪئي وڃي تہ جيئن هي سڀ يا ڪجهہ طئي ٿي سگهي تہ:

(i) اهي روڊ رستا (routes) جن تي گاڏيون هلن ٿيون، تن کي ڪيئن پاڻ ۾ جوڙيو وڃي، يا مقرر ڪيو وڃي؛

(ii) تہ ڪهڙي قسم جي روڊ- گاڏي (ان جي نوعيت، نموني، مسافرن ويهارڻ جي گنجائش، ڪوائليٽي ۽ ڄمار) مقرر رستي تي هلندي.

(iii) ڪنهن مقرر رستي لاءِ ڪيتري تعداد ۾ گاڏين هلائڻ جا اجازت ناما ڏنا وڃن.

(iv) تہ ڪهڙا اپاءَ ورتا وڃن جو ماحولياتي گدلاڻ ۽ گاڏين جي گنجان آمدرفت کي گهٽايو وڃي يا ضابطي ۾ رکيو وڃي.

(v) تہ روڊن رستن جو بچاءُ ۽ انهن جي وڏاري واريون ضرورتون ڪهڙيون ۽ ڪيتريون آهن.

اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريہ

5. تبديل ٿيندڙ حڪم نامي جي دفعہ 120 لاءِ هن کي نعم البدل رکيو ويندو:

(1) روڊ تي هلندڙ گاڏين لاءِ آفيسرن يا ممتحنن جي مقرري.

1965 جي دفعہ نمبر 20 ۾ تبديلي.
Amendment of section 120 of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

اولهہ پاڪستان جي حڪم نامي XIX مجريہ 1965 جي ٻارهين جدول ۾ تبديلي.
Amendment of Twelfth Schedule of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

(Appointment of motor Vehicles officers or examiners): هن حڪم نامي جي مختلف پهلوئن کي موٽر نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ سرڪار موٽر وهيڪل آفيسر يا ممتحن مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ (Transport Department) جي ماتحتيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندا.

(2) هن کانپوءِ پوليس کاتي وارا سمورا موٽر وهيڪل آفيسر يا ممتحن پنهنجي مالي منظورين (budgetary allocations)، اثاثن ۽ مالي ذميوارين (liabilities) سميت ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ ڏانهن بدلي ٿي ويندا.

6. تبديل ٿيندڙ حڪم نامي جي ٻارنهين گوشواري (Twelfth Schedule) لاءِ هي نعم البدل ٿيندو:

ٻارهون گوشوارو
(ڏسو دفعہ 116_A)
ڀاڱو_ I
ڀڃڪڙيون

| سيريل نمبر | ڀڃڪڙيون | ڏنڊ |
|---|---|---|
| .1 | مقرر ڪيل رفتار کان ٽپي وڃڻ | 400 روپيہ |
| .2 | اجازت ڏنل تعداد کان مٿي عوام لاءِ هلندڙ گاڏين ۾ مسافر کڻڻ. | 300 روپيہ |
| .3 | بتين يا هٿن واري ٽريفڪ سگنلن (Traffic) جي ڀڃڪڙي ڪرڻ | 400 روپيہ |
| .4 | عوام لاءِ هلندڙ مال ڍوئيندڙ گاڏين ۾ گهڻو بار کڻڻ | 300 روپيہ |
| .5 | منع ٿيل هنڌن تان زوريءَ اڳ وٺڻ | 300 روپيہ |
| .6 | ٻين گاڏين کي رستي جي حق ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ | 150 روپيہ |
| .7 | هنگامي مقصدن وارين گاڏين لاءِ رستي رنڊڪ وجهڻ | 150 رپپيہ |
| .8 | مال ڍوئيندڙ گاڏين ۾ اهڙو مال پيرڻ جنهن جي اجائي ۽ وڏيڪ ٽولهہ ويڪر هجي ۽ ان لاءِ منع ڪيل هجي. | 300 روپيہ |
| .9 | روشنيءَ جي مناسب بندوبست کانسواءِ رات جو گاڏي هلائڻ | 300 روپيہ |
| .10 | روڊ جي غلط پاسي کان گاڏي هلائڻ | 300 روپيہ |

| | | |
|---|---|---|
| .11 | ٽريفڪ سگنلن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ | 300 روپيہ |
| .12 | غلط طريقي سان ريل جي رستي تان گذرڻ | 400 روپيہ |
| .13 | اڳئين گاڏيءَ کي سوڙهه ڪرڻ يا ڏاڍو تڪڙو اڳ ونڻ | 150 روپيہ |
| .14 | اهڙن شيشن واري گاڏي هلائڻ، جنهن جا شيشا ڍڪيل هجن يا جن مان اندر ويٺلن کي ڏسڻ ۾ ڏکيائي ٿئي. | 300 روپيہ |
| .15 | ٽريفڪ جي قطار ٽوڙي اڳتي وڌي اچڻ | 400 روپيہ |
| .16 | ٻيءَ ٽريفڪ کي سڌي ۽ تيز روشنيءَ کان نہ بچائڻ | 300 روپيہ |
| .17 | هڪ طرفي رستي (One Way) جي ڀڃڪڙي ڪري گاڏي ان تي هلائڻ | 150 روپيہ |
| .18 | تجويز ڪيل طريقي جي برعڪس پاسو ونڻ لاءِ نشاندهي ڪندڙ بتي (indicator) ڪم آڻڻ | 300 روپيہ |
| .19 | منع ٿيل هنڌ تي گاڏي هلائڻ | 150 روپيہ |
| .20 | مال کي اڍنگهي نموني سان سٽي رکڻ يا ڪٽڻ | 300 روپيہ |
| .21 | مقرر ٿيل وقتن تي لائيٽ (light) نہ ٻارڻ | 150 روپيہ |
| .22 | ٽريفڪ ۾ اٽڪاءُ وجهڻ | 300 روپيہ |
| .23 | گهٽ رفتار وارين نشانين تي عمل نہ ڪرڻ | 150 روپيہ |
| .24 | حفاظتي ٽوپلي ڪانسواءِ موٽرسائيڪل هلائڻ | 150 روپيہ |
| .25 | اسڪولي بس کي گذرڻ لاءِ سهولت نہ ڏيڻ | 150 روپيہ |
| .26 | منع ٿيل هنڌن تان گاڏي موڙڻ | 150 روپيہ |
| .27 | سيڪڙات ڊرائيورن جو بچاءُ نہ ڪرڻ | 150 روپيہ |
| .28 | پانڌيئڙن کي رستو نہ ڏيڻ | 150 روپيہ |
| .29 | ڪوتاهيءَ ۽ بي ڌيانيءَ سان گاڏي هلائڻ | 400 روپيہ |
| .30 | ڊرائيونگ ليسن ڪانسواءِ گاڏي هلائڻ | 400 روپيہ |
| .31 | اها گاڏي هلائڻ جنهن جو سرڪاري طور اندراج (Registration) ٿيل نہ هجي. | 300 روپيہ |
| .32 | ويمو نہ ٿيل گاڏي هلائڻ | 150 روپيہ |
| .33 | ناقص يا بغير رفتار- ڏسڻو (speed meter) گاڏي هلائڻ | 150 روپيہ |

| | | |
|---|---|---|
| .34 | مسافرن واريءَ گاڏي ۾ خطرناڪ صورت ۾ مسافر کڻڻ | 300 روپيه |
| .35 | خطرناڪ طريقي سان گاڏيءَ جو در کولڻ | 300 روپيه |
| .36 | غلط رستي کان گاڏي موڙڻ | 150 روپيه |
| .37 | غلط دڳ تي گاڏي هلائڻ | 150 روپيه |
| .38 | جتي هارن نہ وڄائجي اتي زور سان وڄائڻ | 450 روپيه |
| .39 | غلط طريقي سان ابتو گاڏيءَ کي ورائڻ | 300 روپيه |
| .40 | چوڻ باوجود ليسن نہ ڏيکارڻ | 300 روپيه |
| .41 | ٽريفڪ پوليس جي چوڻ باوجود گاڏي نہ روڪڻ | 300 روپيه |
| .42 | گاڏي هلائڻ-لائق واري سرٽيفڪيٽ کانسواءِ يا ان جي مدي ختم ٿيڻ باوجود گاڏي هلائڻ | 1000 روپيه |
| .43 | تجويز ڪيل بار کان وڌيڪ بار کڻي گاڏي هلائڻ | 300 روپيه |
| .44 | غير محفوظ حيثيت واري گاڏي هلائڻ | 300 روپيه |
| .45 | موسيقي وارو هارن وڄائڻ | 450 روپيه |
| .46 | قانوني پڪڙجي ڪندي گاڏي هلائڻ | 300 روپيه |
| .47 | دونهون ڇڏيندڙ گاڏي هلائڻ | 400 روپيه |
| .48 | ڪم-عمريءَ ۾ گاڏي هلائڻ | 500 روپيه |
| .49 | وري وري ساڳيون پڪڙيون ڪرڻ | 500 روپيه |
| .50 | ڪنهن بہ پڪڙيءَ کي گهٽ ڄاڻڻ | 500 روپيه |
| .51 | رستي تي گاڏي هلائڻ واري اجازت نامي (route permit) کانسواءِ يا ان جي تاريخ گذري وڃڻ کانپوءِ ان رستي تي گاڏي هلائڻ | 1000 روپيه |
| .52 | قانوني ضابطن نمبر 42 ۽ 51 جي وري وري پڪڙجي ڪندي گاڏي هلائڻ | 1000 روپيه |

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**